# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 2004

# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 2004

# سنڌ جا ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 2004

# THE SINDH BOARDS OF INTERMEDIATE AND SECONDARY EDUCATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 2004

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of section 2of Sindh Ordinance VI of 1972

3. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of section 3 of Sindh Ordinance VI of 1972

4. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعه 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Ordinance VI of 1972

5. 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي شيڊول جي تبديلي

Amendment of Schedule to Sindh Ordinance VI of 1972

# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريہ 2004

# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 2004

# سنڌ جا ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 2004

# THE SINDH BOARDS OF INTERMEDIATE AND SECONDARY EDUCATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 2004

[7 ڊسمبر، 2004]

سنڌ جي ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم جو آرڊيننس.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ جي ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم

ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ جا ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس (ترميم) آرڊيننس، 2004 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Ordinance VI of 1972

2. سنڌ جا ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊس آرڊيننس، 1972 ۾، جنهن کي بعد ۾ به ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعه 2 ۾، شق (u) ۾، لفظ "بورڊس ايٽ حيدرآباد" جي لاءِ لفظ "بورڊس ايٽ حيدرآباد ۽ ميرپورخاص " هوندا:

1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعه 3 جي ترميم

Amendment of

3. ڄاڻايل آرڊيننس، جي دفعه 3 جي ذيلي دفعه (1) ۾:

(i) شق (c) ۾ ، آخر ۾ ايندڙ لفظ "۽" ختم ڪيا ويندا.

(ii) شق (d) جي آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن ۽ لفظ "؛ ۽"؛ سان بدلايو ويندو ۽ ان کانپوءِ

| | |
|---|---|
| section 3 of Sindh Ordinance VI of 1972 | هيٺ ڇاڙٽايل کي شامل ڪيو ويندو:ـ<br>(iii) شق (b) کانپوءِ هيٺين شق (c) شامل ڪئي ويندي:<br>"(e) ميرپورخاص ۾ هڪ بورڊ جيئن بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن، ميرپورخاص سڏيو ويندو." |
| 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي دفعہ 4 جي ترميم<br>Amendment of section 4 of Sindh Ordinance VI of 1972 | 4. ڇاڙٽايل آرڊيننس، جي دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (iii) ۾:<br>(i) ذيلي شق (d) ۾، آخر ۾ موجود لفظ "۽" ختم ڪيو ويندو.<br>(ii) ذيلي شق (e) جي آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن ۽ لفظ "؛۽" کي متبادل بڻايو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺ ريت اضافو ڪيو ويندو:<br>"(f) ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊ ميرپورخاص، ايگزيڪٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر ايجوڪيشن." |
| 1972 جي سنڌ آرڊيننس VI جي شيڊول جي تبديلي<br>Amendment of Schedule to Sindh | 5. ڇاڙٽايل آرڊيننس جي شيڊول ۾ لفظ "حيدرآباد" جتي به اچي، ان کي لفظن "حيدرآباد يا ميرپورخاص" سان متبادل بڻايو ويندو. |

Ordinance VI of 1972

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**